# نجات جي واٽَ

07-Novmber-2024



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

7 نومبر 2024ء (متوقع اسلامي تاريخ:4 جمادي الاول 1446ھ) تي
پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نجات جي واٽَ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

✿… ايمان وارو هجڻ جون برڪتون

✿… علمِ دين حاصل ڪرڻ جا 3 ذريعا

✿… بي دين انسان جي ڪم عقلي

✿… قيامت جي ڏينهن فترت وارن جو حال

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار قسط: 2، صفحو: 8، حديث نمبر 8 آهي: فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اِذَا اَرَادَ اَحَدُكُمْ اَنْ يَسْاَلَ، فَلْيَبْدَاْ بِالْمِدْحَةِ، وَالثَّنَاءِ عَلَى اللهِ بِمَا هُوَ اَهْلُهُ، ثُمَّ لِيُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، ثُمَّ لِيَسْاَلْ بَعْدُ فَاِنَّهُ اَجْدَرُ اَنْ يَّنْجَحَ۔[1]

ترجمو: جڏهن توهان مان ڪو دعا گهرڻ جو ارادو ڪري تہ ان ڪي گهرجي تہ الله پاڪ جي شان جي لائق ان جي تعريف ڪري پوءِ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلي پوءِ ان کان بعد دعا ڪري تہ هي دعا جي قبولت جي گهڻو ويجهو آهي.

کہا خدا نے پڑھو مومنو! نبی پہ درود
بس اب ہمیں تو یہ وِردِ درود ہے طاعات
قبولیت ہے دعا کو درود کے باعث
یہ ہے درود کہ ثابِت کرامت و برکات
خدائے پاک سے یہ آرزو ہے کافی کی
درودِ سرورِ عالم پہ بھیجئے دن رات[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...معجم کبیر، جلد:9، صفحہ:155، حدیث:8780۔

[2] ... کافی کی نعت، صفحہ:41۔

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!❁رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس❁اَدَب سان ويهندس ❁بيان دوران سُستي کان بچندس❁پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## باهه چادر نه ساڙي

حضرت ابراهيم آجري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، هڪ ڏينهن پاڻ تَندُور ٻاري رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ غير مسلم اتي اچي ويو. پاڻ ان کي اسلام جي دعوت ڏيندي فرمايو: اَسْلِمْ فَلَا تَدْخُلُ النّارَ يعني مسلمان ٿي وڃ...!! جهنم جي باهه کان بچي ويندين. غير مُسلم چيو: جيتوڻيڪ اوهان مسلمان آهيو، ڪلمو پڙهندا آهيو، جڏهن ته! جهنم جي معاملي ۾ ته مان ۽ اوهان برابر آهيون، باهه ۾ ته اوهان کي به وجهڻو آهي، مون کي به وجهڻو آهي. اوهان جي ئي ڪتاب (يعني قرآنِ پاڪ) ۾ آهي:

---

[1]...مسلم، ڪتاب الفتن...الخ، باب الخسف...الخ، صفحہ:984، حديث:2884۔

وَاِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان مان هر هڪ دوزخ تان گذرڻ وارو آهي.
(سيپارو: 16، سورة مريم: 71)

خبر پئي: جهنم ۾ اوهان بہ ويندؤ، مان بہ ويندُس. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ اسلام قبول ڪيان تہ مون تي اسلام جو شرف ۽ عزّت واضح ڪيو!

هي ٻڌي ڪري حضرت ابراهيم آجُرّي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪانئس چادر ورتي، ۽ پنهنجي بہ لاتي، ٻنهي چادرن کي پاڻ ۾ ويڙهي ڪري ٻرندڙ تَندُور ۾ وجهي ڇڏيائين. ٿوري دير ڪان پوءِ پاڻ تندور ۾ لٿا، چادرون ٻاهر ڪڍي آيا، ڏٺائون تہ غير مُسلم جي چادر سڙي خاڪ ٿي چڪي هئي جڏهن تہ حضرت ابراهيم آجُرّي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مبارڪ چادر بلڪل صحيح سلامت هئي، ان تي باھ جو ڪجھ بہ اثر نہ ٿيو هو. هيءَ ڪرامت ڏيکاري ڪري فرمايائون: اسان ٻنهي جو دوزخ تي وارد ٿيڻ اهڙي طرح ٿيندو، غير مُسلم جهنم جي باھ ۾ سڙي ويندو ۽ مسلمان سلامتي سان گذري ويندو. هي ڏسي ڪري ان غير مُسلم ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو.[1]

## آيتِ ڪريم جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ جنهن قرآني آيت جو ذڪر ٿيو، هي سيپاري: 16، سورت مريم جي آيت: 71 آهي. ان جي وضاحت ٻڌندا! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ توهان مان هر هڪ دوزخ تان گذرڻ وارو آهي.

[1]... نوادر القليوبی، ص:۱۸۷۔

هن آيت جي هڪ معنيٰ هيءَ بہ آهي تہ پل صراط جيڪو جهنم جي پٺيءَ تي رکيو ويندو، هر هڪ کي ان تان گذرڻو آهي، ها! جيڪو مسلمان هوندو، اهو ان تان سلامتي سان گذري ويندو ۽ جيڪو غير مُسلم هوندو، اهو ڪٽجي جهنم جي کڏ ۾ وڃي ڪِرندو.

سُبْحٰنَ الله! ڪلمو پڙهڻ واري جو بہ ڇا تہ شان آهي...!! اهو وارَ کان سنهو، تلوار کان تِکو پلصراط، جنهن تان هر شخص کي گذرڻو ئي گذرڻو آهي، جڏهن غير مُسلم ان تان ڪٽجي ڪري جهنم ۾ ڪِري رهيا هوندا، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مومن بانهو ان تان سلامتي سان گذري ويندو. امام اهلسنّت اعليٰ حضرت رحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

پائے کوباں پُل سے گزریں گے تری آواز پر | رَبِّ سَلِّم کی صدا پر وجد لاتے جائیں گے

وضاحت: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان جا ديوانا پلصراط تان توهان جي ربّ سلّم جي صدا تي وجد ۾ اچي، ڪڙيون هڻندي، سرور ۽ مستي جي عالم ۾ گذري ويندا.

## ايمان وارو هجڻ جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! اسان مسلمان آهيون، الله پاڪ صرف پنهنجي ڪرم سان اسان کي ايمان جي دولت سان نوازيو آهي، يقيناً هي نهايت وڏي بلڪ سڀ کان وڏي عنايت آهي. تمام فضيلتن، تمام عنايتن، تمام نعمتن جي اصل ئي ايمان آهي ❁ جڏهن ايمان ملي ويندو آهي، تڏهن بانهو الله پاڪ جي خاص رحمتن جو حقدار ٿي ويندو آهي ❁ جڏهن ايمان ملي ويندو آهي، بانهو ڪامياب ٿي ويندو آهي ❁ جڏهن ايمان ملي ويندو آهي، بانهو جنّت جو حقدار

ٻڌجي ويندو آهي، الله پاڪ ايمان وارن تي خاص ڪرم فرمائيندو آهي ❁ ايمان وارن کي پاڪيزه زندگي عطا ڪئي ويندي آهي ❁ ايمان وارن جون نيڪيون قبول ڪيون ويندون آهن ❁ ايمان وارن جا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن ❁ ايمان وارن جي قبر جنّت جو باغ بڻجندي آهي ❁ ايمان وارن کي راحت ۽ سڪون نصيب ٿيندو آهي ❁ ۽ ايمان وارن لئي آهي جنهن جي لاءِ آخرت جون تمام نعمتون تيار ڪيون ويون آهن ❁ بي ايمان، غير مُسلم ماڻهو ته رب جا نافرمان آهن ❁ ان جي رحمت کان دور ❁ ان جي غضب جا حقدار ۽ هميشه هميشه جهنم ۾ رهڻ جي لائق آهن ❁ بلڪ سچي ڳالهه ته هي آهي جيڪو بي ايمان آهي، غير مُسلم آهي، اهو حقيقت ۾ انسان چورائڻ جو به حقدار ناهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اُولٰٓىٕكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: هي ماڻهو جانورن وانگر آهن، بلڪ انهن کان وڌيڪ ڀٽڪيل آهن. (سيپارو: 9، الاعراف: 179)

اَلحَمْدُلِلّٰه! الله پاڪ اسان کي ايمان جي دولت نصيب فرمائي آهي، رب ڪريم اسان کي ان تي استقامت نصيب فرمائي، مرڻ گهڙيءَ تائين مسلمان رهڻ، ايمان جي حالت ۾ قبر ۾ لهڻ ۽ قيامت جي ڏينهن اٿڻ نصيب فرمائي.

محبّت میں اپنی گما یاالٰہی | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مِری زِندگانی | کَرم ہو کَرم یاخدا! یاالٰہی!
مسلماں ہے عطارؔ تیری عطا سے | ہو ایمان پر خاتِمہ یاالٰہی! [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحه:105.

## صرف اسلام ئي نجات جي راه آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالهه چڱي طرح ذهن ۾ ويهاريندا! جڏهن ڪان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت فرمايو: تڏهن ڪان وٺي قيامت تائين نجات جو رستو صرف ۽ صرف اسلام آهي، ان ڪان علاوه هر اهو دين، مذهب، سوچ، نظريو جيڪو اسلام جي مخالف آهي، نہ اهو قابلِ قبول آهي، نہ ئي نجات ڏياري سگهي ٿو. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو اسلام ڪان سواءِ ٻيو دين چاهيندو تہ اهو ان ڪان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو. (سيپارو: سورة آل عمران: 85)

خبر پئي: نجات ڏيارڻ وارو دين صرف ۽ صرف اسلام آهي. ان ڪان علاوه نجات جو ڪو رستو ناهي.

## جيڪڏهن موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بہ تشريف وٺي اچن

حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ ڀيرو مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، انهن جي هٿ ۾ اڳوٽي آسماني ڪتاب توريت شريف جو هڪ نسخو هو. پاڻ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ويهي ڪري تورات شريف پڙهڻ لڳا. هيڏانهن هي تورات شريف پڙهڻ ۾ مصروف هئا، هوڏانهن جلال سان محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري جو رنگ تبديل ٿي رهيو هو. مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مصطفيٰ ڪريم جو جلال ڏٺو تہ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايائون: عُمر! نوراني چهرو ڏسو...!! فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيئن ئي مصطفيٰ جي

چهري جي طرف ڏٺو، جلال واري ڪيفيت کي ملاحظه ڪيو ته ڏکي ويا. جلدي تورات کي بند ڪري چڏيائون، بارگاهِ رسالت ۾ معافي جا طلب گار ٿيا. ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام پاڻ ظاهري زندگي سان دنيا ۾ وري تشريف وٺي اچن، تون مون کي ڇڏي ڪري انهن جي پيروي شروع ڪرين ته سڌي رستي کان ڀٽڪي ويندي، جيڪڏهن هاڻي حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام پاڻ ظاهري زندگي سان دنيا ۾ موجود هجن ها ته ضرور منهنجي پيروي اختيار ڪن ها.

خَلق سے اَولیاء،اَولیاء سے رُسُل | اور رسولوں سے اَعلیٰ ہمارا نبی
ملکِ کونین میں انبیا تاجدار | تاجداروں کا آقا ہمارا نبی (1)

الله! اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترو غور جو مقام آهي...!! تورات شريف آسماني ڪتاب آهي، ❁ هڪ عرصي تائين هدايت جو معيار هي ڪتاب ئي رهيو ❁ صدين تائين ان تي عمل ڪرڻ وارا ئي نجات ماڻيندا هئا ❁ اهو بُلند شان وارو ڪتاب آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ وارا بُلند مقامات ماڻيندا هئا❁ جنهن تي عمل جي برڪت سان بني اسرائيل فتح ماڻيندا هئا ❁ الله پاڪ جي رحمتن جا حقدار ٿيندا هئا ❁ جنهن کي پڙهڻ به ثواب هو ❁ ڏسڻ جو به ثواب هو ❁ هاڻي جڏهن ته محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف وٺي اچي چڪا، ❁ اعلانِ نبوت فرمائي چڪا، ❁ ان ڪان پوءِ هي تورات به نجات جي راهه نه رهيو ان تي به عمل منسوخ ٿي ويو. جڏهن گذريل آسماني ڪتابن جي متعلق هي حڪم آهي ته خود غور فرمايو! جيڪي نوان نوان فتنا پيدا ٿي رهيا آهن، نوان

---

[1] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:138-139 ملتقطاً.

نوان مذهب ٺاهيا پيا وڃن، نوان نوان نظريا ۽ طور طريقا دنيا ۾ ٺاهيا پيا وڃن، هي راهِ نجات ۽ راهِ هدايت ڪيئن ٿا ٿي سگهن...؟ خبر پئي: جڏهن کان پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف وٺي آيا، پاڻ اعلانِ نبوت فرمائي ڇڏيو، ان کان بعد قيامت تائين نجات جو رستو صرف هڪ آهي، ان کي اسلام چئبو آهي.

## قرآن جهڙو ڪو ڪتاب ناهي

خليفہ مامون الرشيد جي دور جي ڳالهه آهي هڪ ڀيري خليفي جي دربار ۾ هڪ غير مُسلم آيو، ان تمام گهٽيون ڳالهيون ڪيون، مامون الرشيد ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني پر ان انڪار ڪري ڇڏيو. هڪ سال کان پوءِ اهو وري آيو، ان وقت اهو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي چڪو هو، ان ڪافي علمِ دين بہ سکي رکيو هو، ان کان جڏهن پڇيو ويو تہ اوهان جي اسلام قبول ڪرڻ جو سبب ڇا بڻيو تہ ان چيو: گذريل سال جڏهن مان اوهان جي مجلس مان اٿي ويس تہ مون مختلف مذهبن جو امتحان وٺڻ جو ارادو ڪيو. جيئن تہ مون تورات، انجيل ۽ قرآنِ ڪريم جا 3، 3 نسخا لکيا، جن ۾ پنهنجي طرف کان گهٽ وڌائي ڪري ڇڏي. هي نسخا کڻي ڪري مان تورات ۽ انجيل وارن وٽ ويس، انهن مون کان اهي نسخا خريد ڪيا پر جڏهن مان قرآنِ ڪريم جا مٿايل نسخا کڻي ڪري اسلامي ڪتب خاني ۾ ويس تہ انهن هن کي غور سان پڙهيو، جڏهن انهن ڏٺو تہ هن ۾ ڪمي بيشي ڪئي وئي آهي تہ انهن اهي نسخا خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان سان مون تي اسلام جي سچائي واضح ٿي وئي ۽ مان ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويس.[1]

---

[1] ... تفسيرِ قرطبى،پاره:14،الحجر،زيرِ آيت:9،جز:10،جلد:5،صفحہ:5 ملتقطًا۔

مُبدَّل ہوئے انبیا کے صحائف | مُحرَّف نہ ہو گا صحیفہ تمہارا [1]

وضاحت: ٻين نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام تي جيڪي صحيفا ۽ ڪتابَ نازل ٿيا، انهن جي امتن انهن جو قدر نہ ڪيو ۽ انهن ۾ تبديلي ڪري ڇڏي پر اي محبوبِ ذيشان صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اوهان جو شان آهي جو الله پاڪ اوهان تي نازل ٿيڻ واري ڪتاب يعني قرآنِ ڪريم جي حفاظت پاڻ پنهنجي ذمي ڪرم تي ڪنئين آهي، لهٰذا اوهان تي نازل ٿيڻ واري ڪتاب قرآنِ ڪريم ۾ ڪڏهن بہ تبديلي نہ ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ اهم قرآني حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ فتنن جو دور آهي، هر روز ڪيئي فتنا پيدا ٿي رهيا آهن ❁ الحاد (يعني بي ديني) هڪ فتنو آهي، انهن بي عقلن جو چوڻ آهي تہ انسان کي سِري ڪان ڪنهن دين جي ضرورت ئي ناهي، بَس پنهنجو عقل جيڪو چئي، ان تي هلندا رهو، هي اهڙا بي دين آهن جيڪي الله پاڪ جي وجود جو ئي انڪار ڪندا آهن (استغفرُ الله!) ❁ اهڙيءَ طرح غير مُسلم تهذيبن جو فتنو ❁ اهڙيءَ طرح سڪيولر اِزم ❁ ريشنل اِزم (***Rationalism***) ۽ خبر ناهي ڪهڙا فتنا هر روز پيدا ٿي رهيا آهن، بَس جنهن جي وات ۾ جيڪو اچي ٿو، ٻڪالهائيندو هلندو ٿو وڃي، وري ٽيڪنالوجي جو دور آهي، هر ننڍي وڏي ٻار وٽ موبائل آهي، انٽرنيٽ آهي، سوشل ميڊيا هلندو آهي، پهريان ايئن هوندو هو تہ هڪ جاءِ تي ڪو فتنو پيدا ٿيندو هو تہ اتي ئي محدود هوندو هو، ٻئي شهر يا مُلڪ تائين ان جا اثر پهچڻ ڪان پهريان ئي ختم ٿي ويندا هئا، هاڻي سوشل

[1] ...قبالۂ بخشش،صفحہ:31۔

ميڊيا تباهي مچائي رکي آهي، دنيا جي هڪ ڪُنڊ ۾ ڪو فتنو اٿي ٿو، تہ ڏينهن مهينا نہ صرف بلڪ ڪجھ منٽ لڳن ٿا، ننڍي ننڍي ڳوٺ، ٻهراڙين تائين ان فتني جا بُرا اثرَ پهچي ويندا آهن. اهڙي حالات ۾ اسان ڇا ڪيون؟ پنهنجو دين ڪيئن بچايون؟ الله پاڪ جي پسنديده دين، پياري پياري دينِ اسلام تي قائم ڪيئن رهون؟ قرآني آيت ٻڌو! جيڪڏهن اسان پنهنجو ايمان بچائڻ چاهيون ٿا، اسان خواهش رکون ٿا تہ هن دنيا مان ايمان بچائي ڪري وينداسين، اسان تي لازم آهي تہ هن آيتِ ڪريمہ کي پنهنجي دل تي لکي ڇڏيون، الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّیْنِ حَنِیْفًاؕ

ترجمو ڪنزُالعرفان: پوءِ هر باطل کان جُدا ٿي پنهنجو چهرو الله جي اطاعت جي لاءِ سِڌو رک. (سيپارو: 21، سورة روم: 30)

يعني اي انسانو! هر پاسي کان نگاهون هٽائي ڪري دين کي پنهنجو قبلو بڻايو! ڪو ڪجھ بہ چوندو رهي، ڪو ڪهڙا بہ دليلَ ڏيندو رهي، ڪهڙي بہ لالچ ڏي، انهن ڏانهن نگاھ ڪرڻي ئي ناهي، ڪنهن جي ڳالھ ٻڌڻي ئي ناهي، پنهنجي دل ۾ ڪابہ ٻئي ڳالھ اچڻ ئي ناهي ڏيڻي، هر اسلام جي مخالف ڳالھ کان ڪنجي ڪري پنهنجي دل، دماغ، اک، ڪن وغيره جو قبلو دين کي بڻايو! تہ جيئن ڀٽڪڻ جو امڪان ئي باقي نہ رهي. (رازی،ملخصاً)

## صرف اسلام! بَس...!!

ميان محمد بخش رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا:

جَیہڑِی مِہندِی رَنگ نَا دِیوے کِی اُس دَا لَانا
سَوہنے مِلَن ہزاراں، اَساں نَئیں یَار وَٹَانا

هي هڪ مثال آهي. مهندي لڳائڻ جو مقصد آهي ته رنگ اچي. جيڪڏهن مهندي جو رنگ ئي نه اچي ته ان کي لڳائڻ جو ڪهڙو فائدو...؟ ائين ئي جڏهن الله پاڪ صاف صاف فرمائي ڇڏيو:

وَ مَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو اسلام ڪان سواءِ ٻيو ڪو دين چاهيندو ته ان ڪان هرگز قبول نه ڪيو ويندو. (سيپارو: 3، آلِ عمران: 85)

يعني اسلام ڪان هٽي ڪري ڪنهن دين، ڪنهن مذهب، ڪنهن ڳالهه، ڪنهن نظريي، ڪنهن فلسفي جي جڏهن ڪا اهميت ۽ ويليو ئي ناهي، جڏهن اهو آخرت ۾ قبول ئي ناهي، نجات ڏئي ئي نه ٿو سگهي ته ان دين، مذهب، نظريي کي اپنائڻ جو ڪهڙو فائدو...؟ اسلام ڪان هٽي ڪري جيتوڻيڪ هزارين حسين ملن، اسان کي يار متاثٿو ئي ناهي، يعني اسان کي ڪا بي ڳالهه نه ٻڌڻي آهي، نه ئي ان ڏانهن مائل ٿيڻو آهي. صرف اسلام...!! بَس ڳالهه ختم.

## عقل پرستي جو فتنو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه ريشنَل اِزم (*Rationalism* يعني عقل پرستي) جو فتنو به نهايت عام آهي. هونئن ته هي تمام پراڻو فلسفو آهي. شايد ڪيئي ماڻهو هن فتني ڪان واقف ئي نه هجن پر هاڻي هن جا اثرات تمام عام ٿي رهيا آهن، جنهن کي ڏسو! پنهنجي عقل جي ڳالهه ڪندو آهي، ديني احڪام جي مقابلي ۾ پنهنجي سمجهه جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي ❁ ڪنهن کي وياج جو حرام هجڻ سمجهه ۾ نه ناهي ايندو ❁ ڪو چوندو آهي: اسلام پردي جو حڪم ڇو ڏنو؟ ❁ ڪو چوندو آهي: وراثت ۾ عورت جو اڌ حصو ڇو آهي؟ ❁ ڪجهه نادان عورتن کي شڪايت هوندي آهي ته مرد کي حاڪميت ڇو ڏني وئي؟ ❁

مرد کي چئن شادين جي اجازت آهي ته عورت کي ڇو نه آهي؟ ❁عورتن تي اسلام پابنديون ڇو لڳايون آهن؟ وغيره وغيره اهڙا ڪيئي ديني مسئلا آهن جيڪي ماڻهن جي سمجهه ۾ ناهن ايندا، جڏهن سمجهه ۾ ناهن ايندا ته انهن تي عمل ناهن ڪندا بلڪ ڪجهه نادان ته ضد ۽ هٺ ڌرمي تي لهي ايندا آهن ۽ انڪار جي طرف به وڌي ويندا آهن. الله پاڪ اسان کي اهڙي ناداني کان محفوظ فرمائي.

## حصولِ علم جا 3 ذريعا

ڏسو! ڪنهن شيءِ جي علم اچڻ جا 3 ذريعا هوندا آهن: (1): هڪ ذريعو آهي اسان جا حواس يعني اک، ڪن وغيره ڪوڙ شين کي اسان ڏسي ڪري سڃاڻي ويندا آهيون، هيٺ زمين آهي، مٿي آسمان آهي، آسمان تي تارا چمڪندا آهن. اسان اکين سان ڏٺو ۽ سڃاڻي ورتو، ايتري معلومات جي لاءِ اسان کي ڪجهه به سکڻ پڙهڻ جي ضرورت ناهي هوندي (2): علم اچڻ جو ٻيو ذريعو اسان جو عقل آهي. ڪيئي علوم اهي آهن، جيڪي اسان اک، ڪن وغيره جي ذريعي نه ٿا سکي سگهون، انهن جي لاءِ اسان کي پنهنجو عقل استعمال ڪرڻو پوندو آهي، جيئن رياضي آهي، سائنس آهي، فزڪس، ڪيمسٽري وغيره اهي علوم آهن جيڪي سکڻ جي لاءِ اسان کي اسڪول وڃڻو پوندو آهي (3): علم جو ٽيون ذريعو وحي آهي. اسان جا اهي معاملا، اهي مسئلا، اهي مُشڪلاتون جيڪي اسان عقل جي ذريعي به حل ناهيون ڪري سگهندا، اهي ڳالهيون سيکارڻ جي لاءِ الله پاڪ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام موڪليا، انهن تي وحي نازل فرمائي ۽ اسان تائين دين جو علم پهچايو.

خبر پئي: وحي ۽ دين جون ڳالهيون شروع اتان ٿينديون آهن جتي عقل جي پهچ ختم ٿي ويندي آهي. جڏهن دين جو درجو اهو آهي جتي عقل جي پهچ ئي

ناهي تہ پاڻ سوچيو! اسان دين کي عقل تي ڪيئن تا توري سگهون؟

## عقل جو دائرهءِ ڪار

هڪ تاريخ دان نهايت ئي پيارو مثال بيان ڪيو آهي، لڪن ٿا: عقل جو مثال سونار جي ساهمي جيان آهي. سونار جي ساهمي وڏي ڪمال جي هوندي آهي، هي صرف گرام ئي نہ بلڪ ملي گرام بہ ٻڌائيندي آهي پر ان ساهمي تي اسان جبل کي نہ ٿا توري سگهون، جيڪڏهن وڏو پٿر ان ننڍڙي ساهمي تي رکي ڇڏيون تہ ساهمي ٽُٽي پوندي. ائين ئي دين جيڪو آهي، ان جو مثال جبل جيان آهي، عقل جو مثال ان ننڍڙي ساهمي جهڙو آهي. اسان ديني احڪام ۽ مسئلن کي پنهنجي عقل سان نہ ٿا توري سگهون، جيڪڏهن وحي جي دائري ۾ عقل کي استعمال ڪنداسين تہ ڀٽڪي ويندا سين. ان ڪري ديني احڪامن ۽ مسئلن جون جيڪي حڪمتون سمجهہ ايندي آهن، ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو! جيڪڏهن سمجهہ نہ ٿيون اچن تہ سمجهي وڃو تہ اسان جي سمجهہ ننڍي آهي، الله ۽ رسول جا ارشادات اسان جي سمجهہ کان مٿي آهن.

گزر جا عقل سے آگے کہ یہ نور | چراغِ راہ ہے منزل نہیں ہے

وضاحت: عقل هڪ نُور آهي، جيڪو اسان کي ڏنو ويو آهي تہ جيئن ان جي ذريعي روشني حاصل ڪيون پر اصل منزل هي ناهي. منزل ڪهڙي آهي؟ الله ۽ رسول جي رضا، دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي. لهٰذا عقل کان روشني ضرور وٺو! پر انهي جا ئي نہ ٿي وڃو! اُن کان اڳتي گذري ڪري پنهنجي منزل تي پهچو! الله ۽ رسول کي راضي ڪيو!

## عقلمنديءَ عقل پرستيءَ ۾ فرق

هي ڳالهه ياد رکو تہ عقل مند هجڻ ٻي ڳالهه آهي، عقل پرست هجڻ ٻي ڳالهه آهي. عقل مند هجڻ تہ تمام چڱي ڳالهه آهي، قرآن ۽ حديث ۾ عقل جون گهڻ فضيلتون بيان ٿيون آهن، ها! عقل پرستي درست ناهي. عقل مندي هي آهي تہ ٻانهو الله ۽ رسول جي احڪام کي سمجهڻ جي لاءِ، پنهنجي دُنيا ۽ آخرت جون ڀلايون سوچڻ جي لاءِ، پنهنجي عقل استعمال ڪري جڏهن تہ عقل پرستي جو مطلب آهي: الله ۽ رسول جي احڪام جي مقابلي ۾ پنهنجي عقل استعمال ڪرڻ. قرآن جيڪو ڪجهہ چيو، ان کي مڃڻ جي بجائي، پنهنجي ناقص عقل جي زور تي اُن جو انڪار ڪري ڇڏڻ، هي عقل پرستي آهي ۽ هي نهايت ئي بُري شيءِ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هيومن اِزْم (Humanism) بي عقلي جو تازو مثال

اجوڪي ترقي يافتہ دور ۾ ڏسو! جيڪي بي دين آهن، جن جي دعوا آهي تہ اسان الهامي هدايت (***Divine Guidance***) جي بغير بہ پنهنجي معاملن کي سنواري سگهون ٿا، جيئن هيومن اَزم (***Humanism***) آهي. الحاد آهي، ڊي ازم (***Deism***) وغيره آهي، انهن انسانن کي جانورن کان وڌيڪ اهميت ناهي ڏني. انهن جو مڃڻ آهي تہ جهڙيءَ طرح ٻيا جاندار هن ڪائنات جو حصو آهن، اهڙيءَ طرح انسان بہ هن فطرتي ڪائنات جو هڪ حصو (***Part of Natural world***) آهي.

هيءَ آهي عقل جي پهچ...!! اهي نام نهاد عقل مند جن جي دعوا آهي تہ اسان کي دين جي ضرورت ناهي، اسان کي عقل ئي ڪافي آهي، هي انهن جي حالت آهي، اجان تائين پاڻ کي ئي نہ سڃاڻي سگهيا آهن، پاڻ کي هڪ جانورڪان

وڏيڪ ڪجھ نہ سمجھي سگھيا...!! ھي صرف دين آھي جنھن اڄوڪي ترقي يافتہ دور ۾ نہ بلڪ ھزارين سال پھريان ٻڌائي ڇڏيو ھو تہ انسان جانورن جيان ھن فطرتي ڪائنات جو حصو نہ بلڪ ھن ڪائنات ۾ الله پاڪ جو خليفو آھي. رب ڪريم انسان کي ھن زمين جو نگھبان بڻايو آھي. تمام سادي مثال سان پنھنجي ڳالھ کي واضح ڪيان، اسان وٽ جڏھن گرميون اينديون آھن تہ ڪوڙ پوسٽون وائرل ٿيڻ شروع ٿي وينديون آھن، ماڻھو ھڪٻئي کي ترغيب ڏيندا آھن تہ”گرمي آھي، جھرڪين، نندڙن پکين جي لاءِ پاڻي پري رکو تہ جيئن ويچارا بي زبان اُڃ ۾ تڙپي ڪري مري نہ وڃن“ الحمد لله! ڪيئي ماڻھو ائين ڪندا آھن، جيڪي ناھن ڪندا انھن کي بہ ڪرڻ گھرجي. مان جنھن طرف توجھ ڏيارڻ چاھيان ٿو، اھو ھي آھي تہ سوچڻ جي ڳالھ آھي، ڇا ھن زمين تي ڪا ٻئي مخلوق بہ اھڙي آھي جيڪا ٻين مخلوقات جو خيال رکندي ھجي؟ آخر ھي خيال صرف انسان کي ئي ڇو ايندا آھن؟ سادو جواب آھي، انسان اشرفُ المخلوقات آھي، ھن زمين تي باقي جيتري مخلوقات موجود آھي، اھي سڀ ھن دنيا جو حصو آھن پر انسان اھا عظيم مخلوق آھي جنھن کي الله پاڪ ھن زمين جو نگھبان بڻايو آھي.

ھي دين آھي جيڪو اسان کي ٻڌائي ٿو:

وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مِّنْهُ ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ جيڪي ڪجھ آسمانن ۾ آھي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آھي سڀ جو سڀ پنھنجي طرفان توھان جي ڪم ۾ لڳايو ويو.

(سيپارو:25، سورة جاثيہ: 13)

هي آهي انسان جي اصل قدر ۽ قيمت...!! هي آهي انسان جي اهميت...!! انسان جانورن جيان فطرتي ڪائنات جو حصو (***Part of Natural world***) نہ بلڪہ هن دنيا ۾ رب پاڪ جو خليفو ۽ هن دنيا جو رکوالو آهي. انسان ئي اهو آهي جنهن جي لاءِ سج، چنڊ تارن کي ڪم تي لڳايو ويو آهي، انسان ئي آهي جنهن جي لاءِ زمين جي هر شيءِ مُسخر ڪئي وئي آهي.

ڪيتري حيراني جي ڳالھ آهي، جن جي دعوا آهي تہ اسان سڀ ڪجھ عقل سان ڪري سگھون ٿا، اهي اڃان تائين پاڻ کي، پنهنجي صلاحيتن کي، پنهنجي اهميت کي تہ سڃاڻي ناهن سگھيا، اڃا ڇا ڪري سگھندا. هيءَ حقيقت آهي تہ انسان کي ان جي اصل قدر ۽ قيمت، ان جي اصل اهميت ۽ درست سڃاڻپ بہ دين ئي جي ذريعي ملي آهي. ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

خُودی کا سرِّ نِہاں لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ
خُودی ہے تیغِ فُساں لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ ([1])

وضاحت: خودي مان مُراد آهي: انسان جي حقيقت، ان جون لڪيل صلاحيتون، ان جي قدر ۽ اهميت. مطلب هي آهي تہ انسان جي حقيقت ۽ ان جي صلاحيتن جو لڪيل راز لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ ۾ آهي. جيستائين انسان لَااِلٰہَ اِلَّا اللہ چئي ڪري (يعني ڪلمو پڙهي ڪري) پاڻ کي مڪمل طور تي اللّٰہ ۽ رسول جي حوالي ناهي ڪري ڇڏيندو، ان وقت تائين ان جون صلاحيتون لڪيل رهنديون آهن، انسان جيڪو اشرفُ المخلوقات آهي، جيستائين هي دين جي تابع نہ ٿي وڃي، تيستائين هي پاڻ کي پوري طرح سڃاڻي ناهي سگھندو:

---

[1] ... ڪليات اقبال، ضرب ڪليم، صفحہ:527۔

وہ دانائے سُبُل، خَتمُ الرُّسُل، مولائے کُل جس نے
غبارِ راہ کو بخشا فروغِ وادیٔ سینا[1]

وضاحت: يعني اهي هدايتن جي راهه ڄاڻڻ وارا، آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي سيني جا آقا ۽ مولا آهن، هي سندن ئي جي بُلند ذات آهي، جن رستن جي ذرن کي قابل رشڪ بڻائي ڇڏيو آهي.

اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي بازارن ۾ ويندا ۽ اعلان ڪندا هئا: يَاۤاَيُّهَا النَّاسُ! قُوْلُوْا لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ تُفْلِحُوْا اي انسانو! چئو! لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (يعني اسلام قبول ڪيو) ڪامياب ٿي ويندؤ![2] تاريخ گواهه آهي ته هدايت جي صدا تي جنهن جنهن لبيڪ چيو، اهو ترقي ۽ عروج جي ان بُلندي تي پهتو جو جنهن جو تصور نه ٿو ڪري سگهجي، ۽ جنهن هن جو انڪار ڪيو اهو ذلت ۽ رسوائي جي کڏي ۾ ڪِري پيو. ڏسو! ۞ ابوجهل انڪار ڪيو، اڄ ابو جهل ڪاٿي آهي؟ ان جو نالو نشان ئي باقي نه آهي، حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪلمو پڙهيو، ڪهڙي بُلندي تي پهتا...!! ۞ ابو لهب انڪار ڪيو، تباهه ۽ برباد ٿي ويو، حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪلمو پڙهيو، اهڙي بُلند مرتبي وارا ٿيا جو اڄ جا بي دين به سندن سيرت مان سبق سکندا آهن ۞ عُتبه، شَيبه وغيره مڪي جي سردارن انڪار ڪيو، اڄ انهن جو نالو وٺڻ وارو ڪير به ناهي، حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حبشه سان تعلق رکندا هئا، پاڻ ڪلمو پڙهيو، پوءِ اهو وقت به زماني ڏٺو ته پاڻ ڪعبي جي ڇت تي بيهي ڪري اذان ڏئي رهيا هئا.

---

[1]...ڪلياتِ اقبال، بالِ جبريل، صفحه:363۔

[2]...الزہد لابن المبارک، الجزء التاسع، صفحه:334، حديث:116۔

خبر پئي: هي دين آهي، هي الهامي هدايت آهي، هي رب جي موڪليل رهنمائي آهي، ان جي هدايت جي بغير ڪامياب زندگي گذارڻ تہ تمام پري جي ڳالھ آهي، انسان پاڻ کي بہ پوري طرح ناهي سڃاڻي سگھندو.

هي صرف هڪ مثال عرض ڪيو آهي، ان ڪان علاوه ڪيترائي مسئلا آهن جن تي انسان هزارين سالن تائين عقل آزمايو، پوءِ بہ انهن مسئلن جو حل نہ نڪري سگھيو، هي صرف الله پاڪ جو موڪليل دين آهي جيڪو انهن مسئلن جو درست حل عطا ڪندو آهي ۞ مثال طور نِسوانيت (*Feminism*) يعني عورتن جي حقن جا مسئلا. صدين ڪان وٺي انسان ان جو حل ڳوليندو رهيو آهي، ارسطو ۽ افلاطون جهڙن فلسفين ان تي دماغ وڙهايو تہ عورت جي معاشري ۾ ڇا اهميت آهي ۞ نتيجي ۾ عورت کي ڪنهن نانگ چيو ۞ ڪنهن ان کي شيطان چيو ۞ ڪڏهن ان ويچاريءَ کي ظلم ۽ ستم جو نشاڻو بڻايو ويو ۞ ڪڏهن ويچاريءَ جي عزت کي پائمال ڪيو ويو ۽ اڄوڪي ترقي يافتہ دور ۾ ڏسو، هي عقل پرست، دين ڪان بيزار غير مُسلم...!! انهن عورت کي صرف اشتهار بڻائي رکيو آهي. هي صرف دين آهي، اسلام آهي جنهن ٻڌايو تہ ۞ عورت ڌيءَ آهي تہ رحمت هوندي آهي ۞ جيڪڏهن ڀيڻ هجي تہ عزت هوندي آهي ۞ جيڪڏهن ماءُ هجي تہ انهن جي پيرن هينان جنّت هوندي آهي ۞ جيڪڏهن گھرواري بڻجي ڪري گھر اچي وڃي تہ ان جي ذريعي ماڻهو جو اڌ ايمان محفوظ ٿي ويندو آهي ۞ اهڙيءَ طرح معاشيات جو مسئلو...!! پيسا ڪمائڻ ڪيئن آهن؟ خرچ ڪيئن ڪرڻو آهي؟ هي مسئلو بہ صدين ڪان زيرِ بحث رهيو پر عقل ان جو ڪو حل نہ ڪڍي سگھيو، مارڪس ازم، ڪيپيٽل ازم وغيره جهڙا ڪيترا ئي انقلاب آيا، ڪيئن ڪيئن تحريڪون اُڀري آيون، پر مسئلو اتي جو اتي ئي آهي، جيڪي غريب هئا، ويتر غريب ٿيندا پيا وڃن،

جيڪي امير هئا، اجان وڌيڪ امير ٿيندا پيا وڃن، هي صرف اسلام آهي جنهن هن مسئلي جو حل ڏنو، تاريخ گواهه آهي، ”حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رحمۃُ اللہِ عَلَیہ پنهنجي اڍائي سال جي خلافت جي دور ۾ اسلامي نظام نافذ فرمايو هو، جنهن سان معاشرو ايتري قدر ترقي تي پهچي ويو هو جو زڪوات جو ڪو به حقدار نه ملندو هو.“[1]

مطلب اهو آهي ته هزارين مسئلا آهن جن تي انسان صدين تائين مغز ماري ڪئي، عقل لڳائي، پر ڪو به حل نه ڪڍي سگهيو ، هي دين آهي، الله پاڪ جي موڪليل هدايت آهي، جنهن هنن مسئلن جو نهايت بهترين حل ڏنو آهي. هي سڀ تاريخي حقيقتون هن ڳالھ جي گواهي ڏين ٿيون ته هن دنيا ۾ انسان دين ۽ شريعت جو محتاج آهي، انسان پابند آهي ته پاڻ کي مڪمل طور تي الله ۽ رسول جي حوالي ڪري ڇڏي، پوءِ انهن جي مرضي جي مطابق زندگي گذاري، پنهنجي گهر، پنهنجي ڪاروبار، پنهنجي تمام معاملن ۾ شريعت کي معيار بڻائي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ گهڻي ڪاميابي ۽ ترقي ماڻيندو. جيڪڏهن انسان ائين نه ڪيو ته پوءِ دنيا ۾ جيتوڻيڪ ڪجھ عرصو عيش ڪري به وٺي پر آخرت ۾ نهايت ذلت جو منهن ڏسڻو پوندو.

## بادشاه جي شامت ڇو آئي...؟

منقول آهي: هڪ شخص هو، ان کي جوانيءَ ۾ ئي بادشاهت ملي وئي. هاڻي ان کي ڪجھ پريشاني ٿي ته آخر مان هن ننڍي عُمر ۾، گهٽ تجربي سان ايڏي وڏي سلطنت ڪيئن هلائيندُس...؟ جيئن ته ان پنهنجي ساٿين درٻارين سان مشورو ڪيو ته چڱن ماڻهن ان کي ٻڌايو ته سلطنت هلائڻ جي لاءِ عالمن سڳورن جي رهنمائي نهايت ضروري آهي. جوان بادشاه کي ڳالھ سمجھ ۾ آئي،

[1]...سيرۃ عمر بن عبدالعزيز لابن حکم،غنی الناس فی خلافۃ عمر، صفحہ:110 خلاصۃً۔

سڄي شهر جي عالمن مشائخن کي گهرايو، انهن جي خدمت ۾ عرض ڪيو: اوهان سڀ مون وٽ رهندا ڪيو! جڏهن مونکي دين الٰهي جي پيروي ڪندي ڏسو ته مونکي ان جو حڪم ڏيو، جڏهن مونکي دين کان ڦريل ڏسو ته مونکي ان کان روڪيندا رهو.

عالمن سڳورن هيءَ ذمہ داري سنڀالي، هي نوجوان بادشاهه عالمن سڳورن جي رهنمائي ۾ سلطنت هلائڻ لڳو، 400 سال تائين ان ڪاميابي سان سلطنت هلائي. جڏهن 4 صديون گذري ويون ته شيطان انساني شڪل ۾ ان وٽ آيو، چوڻ لڳو: مَنْ اَنْتَ؟ تون ڪير آهين؟ بادشاهه چيو: مان آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان هڪ فرد آهيان. هتان کان شيطان ان تي جار اڇليو، چوڻ لڳو: تون ماڻهو ناهي، جيڪڏهن تون ماڻهو هجين ها ته جيئن ٻيا ماڻهو مرن ٿا، تون به مري وڃين ها جڏهن ته تون 4 صدين کان حڪومت ڪري رهيو آهين، توکي موت ناهي آيو، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته تون انسان نه بلڪ تون خُدا آهين، هي دين ۽ عالمن جي صحبت ڇڏيو! ماڻهن کي پنهنجي عبادت ڏانهن سڏيو!

هاڻي هي شيطان جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ ان تي به عقل پرستي جو ڀوت سوار ٿي ويو، ان دين ۽ الله پاڪ جي موڪليل هدايت ڇڏي ڏني ۽ خُدائي جي دعوا ڪري ڇڏيائين. جڏهن ائين ٿيو ته الله پاڪ ان وقت جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وحي موڪلي، حڪم ٿيو: هن بادشاهه کي فرمائي ڇڏيو! جيستائين تون سڌي رستي تي هُئين، مون تنهنجي سلطنت کي بهترين انداز سان قائم رکيو، هاڻي جڏهن ته تو منهنجي نافرماني شروع ڪري ڇڏي، بَس منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم...!! هاڻي توتي بخت نصر (نالي ظالم بادشاهه) کي مُسلط ڪيو ويندو. پوءِ ائين ئي ٿيو، ڪجهه عرصي کان بعد بخت نصر ان بدبخت بادشاهه تي

حملو ڪيو، ان جو ڪنڌ ڪَپي ڇڏيو ۽ ان جي سلطنت تي قبضو ڪري ڇڏيائين.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! عبرت جي ڳالھ آھي...!! بادشاھ ھو، طاقت وارو ھو، خزانن وارو ھو، 400 سال حڪومت ڪري چڪو ھو، جيستائين ھي الله پاڪ جي دين جي تابع رھيو، رب پاڪ جو فرمانبردار رھيو، ان جي سلطنت ھلندي رھي، جيئن ئي ان دين کان انڪار ڪيو، دين کان منھن موڙيو، عقل جي چار ۾ ڦاٿو، شيطان جي چال ۾ آيو، تباھ ۽ برباد ٿي ويو، ان جي بادشاھت، ان جي سلطنت، ان جو تاج ۽ تخت، ان جي طاقت ڪجھ بہ ان کي الله پاڪ جي قھر کان بچائي نہ سگھيو. ان ۾ اسان جي لاءِ سبق آھي تہ اسان کي ھر گھڙي، ھر وقت، زندگي جي ھر معاملي ۾، ھر لحاظ سان دين ۽ شريعت جو فرمانبردار رھڻو آھي، انھيءَ ۾ اسان جي ڀلائي آھي، انھيءَ ۾ اسان جي عزت آھي، انھيءَ ۾ ٻنھي جھانن جي ڪاميابي آھي، ھيءُ ئي اسان جي زندگي جو معيار آھي.

الله پاڪ جو وڏو ڪرم آھي تہ ان اسان کي ايمان جي دولت نصيب فرمائي آھي، رب ڪريم اسان کي ان تي استقامت بہ نصيب فرمائي. ڪاش! اسان مرڻ گھڙيءَ تائين مسلمان ئي رھون. ڪڏھن بہ ھڪ سيڪنڊ جي ڪروڙين حصي ۾ اسان جو ايمان اسان کان جُدا نہ ٿئي.

تُو نے اِسلام دِیا تُو نے جماعت میں لیا | تُو کریم اب کوئی پھرتا ہے عطیّہ تیرا[2]

وضاحت: اي اسان جا آقا ۽ مولا صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! اوھان ئي اسلام ڏنو، اوھان ئي پنھنجي جماعت ۾ ورتو، اوھان ڪريم آھيو تہ ڇا ڪرم وارن جي عطا واپس

[1]...نوادر القليوبی، صفحہ:9۔

[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:18۔

ورتي ويندي آهي؟ (نہ ائين ناهي، ڪريم ڪجھ عطا ڪندا آهن تہ واپس ناهن وٺندا، لھٰذا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! منهنجو ايمان سلامت رهندو)

## ايمان جي بنياد عشق تي رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن تفصيلن مان معلوم ٿيو: اسان جي دنيا جي بهتري، اسان جي آخرت جي بهتري الله ۽ رسول جي احڪام تي پڪو يقين رکڻ ۾ آهي. جيڪو الله ۽ رسول جي احڪامن تي پڪو يقين رکندو آهي، سمجھ اچن يا نہ اچن، انهن فرمانن تي عمل ڪندو آهي، اهو دنيا ۾ بہ ڪامياب رهندو آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آخرت بہ بُلند رتبو ماڻيندو.

ان ڪري اسان کي گھرجي تہ پنهنجي ايمان، پنهنجي عقيدي، پنهنجي نظريي بلڪ زندگي جي هر ڪم جي بنياد پنهنجي عقل تي نہ بلڪ الله ۽ رسول جي احڪامن تي رکون.

۽ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا:

وہ کہ اس دَر کا ہوا، خلقِ خُدا اس کی ہوئی
وہ کہ اس در سے پھِرا اللہ اس سے پھِر گیا

لھٰذا هيڏانهن هوڏانهن جا ڌِڪا کائڻ کان بهتر بلڪ لازم ۽ ضروري هي آهي تہ اسان نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرامين کي دل ۽ جان سان تسليم ڪيون. بنياد عقل تي نہ بلڪ عشق تي رکون.

عقل کو تنقید سے فرصت نہیں | عشق پر اعمال کی بنیاد رکھ

پنجابي ۾ چوندا آهن ته:

عِشقُ دِے جهلّے نمبر لے گئے | عقل منداں نے اَیوِیں عُمراں گالیاں

حضرت بلال رضی الله عنہ عاشقِ رسول هئا، قيامت تائين اچڻ وارن جا سردار بڻجي ويا، ابوجهل ۽ ابو لهب وغيره پنهنجي عقل جي انا ۾ رهيا، ذليل ۽ خوار ٿي ويا.

## ٻڪريءَ جون ڄنگهون (ٽنگون)

حضرت ابو عُبيده رضی الله عنہ صحابيءِ رسول آهن، هڪ ڀيري انهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جي ڪاڏي جي دعوت ڪئي، ٻڪريءَ جو گوشت تيار ڪيائون، ڪاڌو شروع ٿيو ته سرڪارِ مدينه صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جن فرمايو: نَاوِلْنِیْ ذِرَاعَهَا مونکي هن جي دستي (اڳين ڄنگهه) ڏيو! پياري آقا صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم کي دستي جو گوشت پسند هو. حضرت ابو عبيده رضی الله عنہ دستي پيش ڪئي. ڪجهه دير ڪان پوءِ پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم وري فرمايو: مونکي نَاوِلْنِیْ ذِرَاعَهَا دستي ڏيو. حضرت ابو عبيده رضی الله عنہ دستي پيش ڪئي. پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم وري فرمايو: مونکي دستي ڏيو! حضرت ابو عبيده رضی الله عنہ عرض ڪيو: يارسولَ الله صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم! ٻڪري جون ڪيتريون دستيون هونديون آهن؟ (يعني هڪ ٻڪري جون اڳيون ڄنگهون ٻه ئي هونديون آهن ۽ مان ٻئي پيش ڪري چڪو آهيان). ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن تون خاموش رهين ها ته جيستائين مان گهرندو وڃان ها، تون ٻڪري جي دستي مونکي ڏيندو وڃين ها، ٻڪري جون دستيون ڪڏهن ختم نه ٿين ها.[1]

[1] ...سنن دارمی، مقدمہ، باب ما اکرم بہ...الخ، صفحہ:40، حدیث:45۔

هتي ڏسو! صحابيءِ رسول جي ڪيتري پياري تربيت ڪئي وئي آهي. ٻڪري جون دستيون 2 هونديون آهن، هي ڳالهه بلڪل واضح آهي، رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته ڄاڻين ٿا، صحابيءِ رسول به ڄاڻين ٿا پر رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تربيت فرمائي ته اکين ڏٺي حقيقت تي نه وڃو! منهنجي فرمان تي بنياد رک! اڄ جيڪڏهن تون منهنجي فرمان تي اکيون بند ڪرين ها ته مان گهرندو وڃان ها ۽ تون ڏيندو وڃين ها، ٻڪري جون دستيون ڪڏهن ختم نه ٿين ها. الله پاڪ اسان کي اهڙو پختو ايمان، پڪو يقين رکڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## پيٽ ڪوڙو، قرآن سچو آهي

بخاري شريف ۾ روايت آهي، هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ باگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي ڀاءُ جو پيٽ هلي رهيو آهي (يعني ان کي دست ٿي پيا آهن).

سُبۡحٰنَ الله! صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جا انداز ڏسو! پيٽ هلي رهيو آهي، دست ٿي پيا آهن ته ڊاڪٽر ڏي وڃڻ گهرجي پر صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کي خبر هئي ته سيني طبيبن جا طبيب الله پاڪ جا حبيب ئي آهن، جيڪي دلين جي بُري عادتن کان شفا ڏئي سگهن ٿا، ظاهري بيماري کان به نجات ڏئي سگهن ٿا.

خير! ان صحابيءَ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ پنهنجي ڀاءُ جي بيماري جي متعلق عرض ڪيو، محبوب ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان کي ماکي پياريو! اهي واپس ويا، پنهنجي ڀاءُ کي ماکي پياريائون. هاڻي مسئلو حل ٿيڻ جي بدران ويتر بگڙي ويو، يعني پهريان کان وڌيڪ دست اچڻ شروع ٿي ويا. وري حاضر ٿيا، محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري فرمايو: ان کي ماکي پياريو! واپس ويا، ٻيهر ماکي

پياريائون. مسئلو اجان وڌي ويو. ٽيون ڀيرو حاضر ٿيا، عرض ڪيائون، وري اهو ئي ارشاد ٿيو، واپس ويا، ۽ ماکي پياريائون. مسئلو اجان وڌي ويو. چوٿون ڀيرو وري حاضر ٿيا، درخواست پيش ڪيائون، فرمايائون: الله پاڪ سچو آهي، تنهنجي ڀاءُ جو پيٽ ڪوڙو آهي (يعني توهان جي ڀاءُ جي بيماري جي متعلق الله پاڪ هي فرمايو آهي تہ هن جو علاج ماکيءَ ۾ آهي، جيڪڏهن ماکي پيئڻ سان بيماري ٺيڪ ناهي ٿي رهي تڏهن بہ الله پاڪ جو فرمان سچو آهي، قصور توهان جي ڀاءُ جي پيٽ جو آهي)، هن ڀيري وري وڃ! ۽ ان کي ماکي پياريو! هن ڀيري اهي صحابي واپس ويا، ماکي پياريائون تہ انهن کي آرام اچي ويو. (مشکاۃ)

هاڻي هتي ڏسو! هڪ تہ پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بي مثل ۽ بي مثال ايمان آهي تہ الله پاڪ وحي وغيره جي ذريعي هي فرمايو آهي تہ هن بيماري جو علاج ماکيءَ سان ٿيندو پر 3 ڀيرا ماکي پيارڻ جي باوجود علاج نہ ٿيو، محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن تي چا فرمايو: الله پاڪ سچو آهي، توهان جي ڀاءُ جو پيٽ ڪوڙو آهي.

معلوم ٿيو: سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بہ اهو ئي درس آهي تہ اسان جي اکين ڏٺي ڳالھ غلط ٿي سگهي ٿي پر الله پاڪ جو فرمان غلط نہ ٿو ٿئي سگهي.

وري ان صحابيءِ رسول رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ايمان تي قربان وڃو! اسان هڪ ڀيرو ڊاڪٽر وٽ ويندا آهيون، آرام نہ اچي تہ ٻيهر ويندا آهيون، ڊاڪٽر دوا مٽائي ڇڏيندو آهي، ڪجھ اميد تي ويندي آهي تہ هن دوا سان آرام اچي ويندو، ان سان بہ نہ اچي تہ اسان ڊاڪٽر ئي مَٽائي ڇڏيندا آهيون. ان صحابيءَ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو ايمان ڏسو! دوا سان آرام تہ ڇا اچڻو هو، ويتر مرض وڌي ويو، وري حاضر ٿيا، اها ئي دوا مِلي، مرض اڃا وڌي ويو، وري حاضر ٿيا، دوا اها ئي ڏني وئي، بار بار

چڪر لڳندا رهيا، نه دوا متجي رهي آهي، نه آرام اچي رهيو آهي، ان جي باوجود دل ۾ بُرو خيال نه آيو، ايترن چڪرن جي باوجود اعتماد نه ٽُٽو، خبر هئي ته آرام ملندو ته انهيءَ جي پاڪ در تان ملندو. ايمان اهڙو ئي هجڻ گهرجي. جيڪو محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائي ڇڏيو، هاڻي دنيا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي وڃي، محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمان کان اسان جو ايمان نه هَٽڻ گهرجي.

## قيامت جي ڏينهن اهلِ فَتْرت جو حال

انسانن جو هڪ طبقو آهي، جن کي اهلِ فَتْرت چوندا آهن. ان مان مُراد اهي ماڻهو آهن جن تائين ڪنهن نبي عَلَیْہِ السَّلَام جي تبليغ نه پهتي. جيئن حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي آسان تي تشريف کڻي وڃڻ کان بعد کان وٺي حضُور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري کان پهريان جو زمانو فترت جو زمانو چورائيندو آهي ۽ ان زماني جي ماڻهن کي اصحابِ فترت چيو ويندو آهي.[1] قيامت واري ڏينهن انهن ماڻهن کي جمع ڪيو ويندو، الله پاڪ فرمائيندو: توهان سڀ ئي جهنم ۾ هليا وڃو...!!

هي حڪم ٻڌي ڪري انهن جا ٻه گروهه ٿي ويندا، هڪ گروهه ته حڪم ٻڌندي ئي جهنم ڏانهن ڊوڙندو، ٻيو گروهه الله پاڪ جي حڪم جي مقابلي ۾ عقل استعمال ڪندي چوندو: اي الله پاڪ! اسان ڪهڙي ڏوهه ۾ جهنم ۾ وڃون، اسان تائين ته تنهنجو دين پهتو ئي ناهي.

هاڻي اهي ماڻهو جيڪي حڪم ٻڌندي ئي جهنم جي طرف ڊوڙيا هئا، انهن کي واپس گهرايو ويندو، چيو ويندو: جيئن اڄ توهان حڪم مڃيو، ائين ئي دنيا ۾ توهان تائين دين پهچي ها ته توهان مڃي وٺو ها. تنهنڪري توهان جنّت جا حقدار آهيو. ٻيا ماڻهو جيڪي الله پاڪ جي حڪم جي مقابلي ۾ پنهنجو عقل

[1] تفسیرِ نعیمی، پارہ:6، سورۂ مائدہ، زیرِ آیت:19، جلد:6، صفحہ:327۔

استعمال ڪندا، انهن کي فرمايو ويندو: جيئن اڄ توهان حڪم نہ مڃيو، دنيا ۾ دين پهچي ها تہ تڏهن بہ نہ مڃيو ها، تنهنڪري توهان جهنم جا حقدار آهيو.

(مسالک الحنفا)

خبر پئي: اصل امتحان ئي اِهو آهي تہ ڪير اللّٰه ۽ رسول جو حڪم بنا ڏسڻ جي خاموشي سان مڃي وٺي ٿو، ڪير اللّٰه ۽ رسول جي حڪم جي مقابلي ۾ عقل استعمال ڪري ٿو. تنهنڪري اللّٰه ۽ رسول جي فرمان تي دل جي گهرائين سان پڪو يقين رکو! ڪا ڳالهہ اسان جي سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن اسان جي سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ اسان جي سمجهہ ننڍي آهي، اللّٰه ۽ رسول جو فرمان اسان جي عقل کان تمام مٿاهون آهي، ۽ ان کي مڃي وٺندا ڪيو!

گزر جا عقل سے آگے کہ یہ نُور | چراغِ راہ ہے منزل نہیں ہے

اللّٰه پاڪ اسان کي توفيق بخشي، ايمان تي استقامت نصيب فرمائي، هن زماني جي فتنن کان نجات ملي، ڪاش! اسان پنهنجو ايمان سلامت ڪٽي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خُدا حاصل ڪرڻ، نيڪين ڀري زندگي گذارڻ، اللّٰه پاڪ جي عبادت ۽ نيڪ اعمال جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول

جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهو 12 ديني ڪمن ۾ خوب حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو بہ آهي.

❁**سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "اَلْعِلْمُ بِالتَّعَلُّمِ" (علم سکڻ سان ايندو آهي).

❁**دورِ حاضر جي بُرائين مان هڪ وڏي بُرائي هيءَ بہ آهي تہ ماڻهو دين جي علم کان پري ٿي رهيا آهن.** ❁ديني ڪتاب پڙهڻ جو شوق گهٽجي رهيو آهي. ❁اڳي ماڻهو ديني ڪتابن سان تمام گهڻي دلچسپي رکندا هئا ❁۽ رات ڏينهن ڪتاب پڙهندا هئا. نتيجي ۾ انهن وٽ ديني ڄاڻ بہ ڪافي هوندي هئي ۽ زندگي بہ پاڪيزه رهندي هئي.

❁ **الحمدُ لله!** عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي گهر گهر ديني علم جي روشني پهچائي رهي آهي. باني دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، دامت برڪاتهم العاليه، پاڻ بہ ديني علم جا تمام گهڻا شوقين آهن ۽ عاشقانِ رسول کي ديني ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏياريندا آهن. ❁پاڻ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جو فرمائيندا آهن،❁ مختصر رسالو هوندو آهي ❁ڪجهه منٽن يا ڪلاڪن ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

❁**توهان بہ پڙهو!** اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!، تمام گهڻو فائدو ٿيندو.❁ ديني ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو، ❁دين سکڻ جو ثواب ملندو. ❁ديني ڪتاب پڙهڻ سان دماغ کُلندو آهي ، ❁نظر وسيع ٿيندي آهي، ❁حڪمت ملندي آهي، ❁سوچ پاڪيزه ٿيندي آهي ۽

زندگي ۾ نکار اچي ويندو آهي. ❁جديد سائنسي تحقيق موجب ڪتاب پڙهڻ سان دماغي بيمارين کان بچاءُ ٿيندو آهي.

هر هفتي پابندي سان هفتہ وار رسالو پڙهڻ جي نيت ڪيو! شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه هفتہ وار رسالو پڙهڻ وارن کي مختلف دعائن سان بہ نوازيندا آهن، اسان هفتہ وار رسالو پڙهون تہ ڪهڙي خبر الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي، ولي ڪامل جي زبان مان نڪتل دُعا اسان جي حق ۾ قبول ٿي وڃي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ بيڙو پار ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اکين جي حفاظت جو ذهن بڻجي ويو

حيدرآباد (پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن طرح آهي تہ تقريبًا 2004ء جي ڳالهہ آهي حيدرآباد کان لاهور وڃڻ جي لاءِ. سفر دوران هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جيڪو مسافرن کي ڪِرائي تي وهاڻا ۽ چادرون ڏيندو هو، مون انهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو امرد پسندي جون تباهڪاريون تحفي ۾ پيش ڪيو.

تقريباً هڪ مهيني کان بعد جڏهن ٻيهر حيدرآباد کان لاهور وڃڻ ٿيو تہ روهڙي اسٽيشن تي اهو نوجوان مونکي ٻيهر نظر آيو. ان اڳتي اچي ڪري سهڻي انداز ۾ ملاقات ڪئي زبردستي ٽرين ۾ نهيل ڪينٽين ۾ وٺي ويو. اتي ان مونکي چانهہ پيش ڪئي ۽ چوڻ لڳو: اوهان جيڪو مونکي رسالو ڏنو هو، خدا جو قسم ان کي پڙهي ڪري مونکي روئڻ اچي ويو ۽ هاڻي بہ جڏهن هي رسالو پڙهندو آهيان تہ منهنجا ڳوڙها وهڻ لڳندا آهن. ٽرين ۾ نظرن جي حفاظت نهايت

مشڪل آهي. پر رسالو پڙهڻ ڪان بعد، مان ڪوشش ڪندو آهيان تہ منهنجي نظر ڪنهن غير محرم تي نہ پئجي.

ترا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معرفةُ القرآن موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام بهترين موبائل ايپليڪيشن بنام مَعْرِفة الْقُرْآن جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپليڪيشن جي ذريعي*قرآنِ پاڪ جو لفظي ترجمو ۽ مفهومي ترجمو (Translation) پڙهي سگهو ٿا*هن ايپليڪيشن ۾ آيتن جا عنوان بہ ڏنا ويا آهن جنهن جي مدد سان پنهنجي موضوع (Topic) جي مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ ڳولي سگهجن ٿيون. خاص ڪري مبلغ اسلامي ڀائرَ هن آپشن مان تمام گهڻي مدد وٺي سگهن ٿا * ايپليڪيشن ۾ سرچ آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان آيتون ڳولڻ ۾ آساني ٿيندي آهي*موضوعن ڪي پن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي. توهان بہ هي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ونو! پاڻ بہ فائدو ونو ۽ ٻين ڪي بہ هن جي ترغيب ڏياريندا.!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ

نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

## ڪجهه ضروري اعلانات

❀ هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به رات جي وقت مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفيوار مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جوابَ به عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به هن جي دعوت ڏين ❀ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهن جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”امير اهل سُنت سان علمِ دين جي باري ۾ سوال جواب“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الاهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي به شيئر (*Share*) ڪيو! ❀ دعوت اسلامي جتي ڪيئي شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي انهن مان خاص 12 ديني ڪم آهن، انهن ڪمن کي ڪرڻ جو تفصيلي طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ مطالعو ڪيو: 12 ديني ڪم. اوهان هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 650 روپئي ۾ قيمت ڏئي طلب ڪيو! پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1] … مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

## سمهڻ ۽ جاڳڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص عصر کان بعد سمهي ۽ ان جو عقل هليو وڃي ته پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري.[1]

اي عاشقانِ رسول! سمهڻ کان پهريان بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تان جو ڪو موذي ڪيڙو وغيره هجي ته نڪري وڃي سمهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ونو:اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيَا. ترجمو: اي الله پاڪ! مان تنهنجي نالي سان ئي مرندو آهيان ۽ جيئندو آهيان (يعني سمهندو ۽ جاڳندو آهيان) ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي درميان سمهڻ مڪروه آهي منجهند جو قَيلوله (ٿوري دير ليٽڻ) مستحب آهي سمهڻ ۾ مستحب هي آهي ته باطهارت سمهي ۽ ٿوري دير ساڄي پاسي ساڄي هٿ کي رُخسار (يعني ڳَل) جي هيٺيان رکي ڪري قبلي ڏانهن سمهي پوءِ ان کان بعد کاٻي پاسي تي سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اتي اڪيلو سمهڻو پوندو سواءِ پنهنجي اعمال جي ڪو گڏ نه هوندو سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي تهليل ۽ تسبيح ۽ تحميد پڙهي (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ. سُبْحٰنَ اللّٰه. ° اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو ورد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي رهي، جنهن حالت تي انسان هوندو آهي انهي تي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي قيامت جي ڏينهن انهيءَ تي اٿندو ۞ جاڳڻ کان بعد هي دعا پڙهو: " اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَحْیَانَا بَعْدَمَآ اَمَاتَنَا،وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ." ترجمو: تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان بعد زنده ڪيو ۽ انهي ڏي موٽي وڃڻو آهي جڏهن ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي عمر ڏهه سالن جي ٿي وڃي ته انهن کي الگ الگ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان عمر جو ڇوڪرو ايتري وڏي (يعني پنهنجي

[1] ... مسند ابی یعلی، جلد:4، صفحہ:121، حدیث:4915۔

عمر جي) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ به نه سمهي ۞جڏهن ڇوڪرو شهوت جي حد کي پهچي وڃي ته اهو مرد جي حڪم ۾ آهي ۞ننڊ مان اٿي ڪري ڏنڊڻ ڪريو رات جو ننڊ مان اٿي ڪري تهجد ادا ڪريو ته وڏي سعادت آهي[1] فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: فرضن کان بعد افضل نماز رات جي آهي.[2]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

مانگو آ کر دُعا پاؤ گے مُدَّعا | در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر | پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...550سنتیں اور آداب، صفحہ:38-40۔

[2]...مسلم، کتاب الصیام، باب:فَضْلِ صَوْمِ الْمُحَرَّم، صفحہ:424، حدیث:1163۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[4]

[1] … القول البديع، الباب الثانی، ص277
[2] … افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
[3] … القول البديع، الباب الاول، ص3125
[4] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455